# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1992
# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1992
# سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن آرڊيننس، 1992
# THE SINDH EDUCATION FOUNDATION ORDINANCE, 1992

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3.فائونڊيشن جو قيام

Establishment of the Foundation

4.انتظاميہ

Management

5.بورڊ

Board

6.مئنيجنگ ڊائريڪٽر

Managing Director

7.عملدارن ۽ صلاحڪارن جي مقرري

Appointment of officers and advisers

8.مالياتي، فني يا صلاحڪاري ڪميٽيز وغيره

Financial, Technical or Advisor Committees

9.فائونڊيشن جا مقصد ۽ هدف

Aims and objects of Foundation

10.فائونڊيشن جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Foundation

11.بورڊ طرفان اختيارن جي منتقلي

Delegation of Powers by the Board

12.چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the Chairman

13.بورڊ جو ڪاروهنوار

Business of the Board

14.فائونڊيشن جو فنڊ

Fund of the Foundation

15.بجيٽ، اڪائونٽس ۽ آڊٽ

Budget, accounts and audit

16.قاعدا

Rules

17.ضابطا

Regulations

18.تحليل

Dissolution

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 1992
# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1992
# سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن آرڊيننس، 1992
# THE SINDH EDUCATION FOUNDATION ORDINANCE, 1992

[30 جون 1992]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو قيام عمل ۾ آندو ويندو؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ تعليم ڪي هٿي ونرائڻ ۽ تعليم جي ترقي لاءِ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي قيام لاءِ گنجائشون جوڙڻ ۽ ان سان لاڳاپيل ۽ ان جهڙن معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن ڪي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1.(1) هن آرڊيننس ڪي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن آرڊيننس، 1992 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| commencement | (2)ان کي پوري صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو. |
| | (3)اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو. |
| وصفون Definitions | 2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين: |

(a) "بورڊ" مطلب دفعہ 5 تحت قائم ڪيل بورڊ؛

(b) "بجيٽ" مطلب فائونڊيشن جي ساليانی ڪمائي ۽ خرچ جو سرڪاري بيان؛

(c) "چيئرمين" مطلب فائونڊيشن جو چيئرمين؛

(d) "تعليمي ادارو" مطلب پرائمري، مڊل سيڪنڊري يا هائر سيڪنڊري ادارو يا ڪاليج بشمول ڪاليج آف ٽيڪنالاجي يا معذور يا محتاج ماڻهن لاءِ ٽيڪنيڪل يا اسپيشل ادارو يا استادن جو تربيتي يا ڪمپيوٽر جو تربيتي ادارو؛

(e) "فائونڊيشن" مطلب سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن؛

(f) "فنڊ" مطلب فائونڊيشن جو فنڊ؛

(g)"حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(h)"مئنيجنگ ڊائريڪٽر" مطلب فائونڊيشن جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر؛

(i) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن يا ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(j) ”ضابطا“ مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطا؛

(k)”قاعدا“ مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛

(l) ”وائيس چيئرمين“ مطلب فائونڊيشن جو وائيس چيئرمين.

**فائونڊيشن جو قيام**
Establishment of the Foundation

3.(1) حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي فائونڊيشن قائم ڪري سگهي ٿي، جنهن کي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سڏيو ويندو.

(2) فائونڊيشن باڊي ڪارپوريٽ هوندي ۽ ان کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي، جنهن کي هن آرڊيننس جي گنجائشن تحت متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جو اختيار هوندو ۽ اها ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3) فائونڊيشن جا هيڊ ڪوارٽرز ڪراچي ۾ هوندا.

**انتظاميه**
Management

4.(1) فائونڊيشن جي عام هدايت ۽ انتظام بورڊ وٽ هوندا، جيڪو اهي سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ سمورا ڪم ۽ شيون ڪندو جيڪي فائونڊيشن طرفان ڪرڻ لائق يا ڪيا ويڃڻا هوندا.

(2) بورڊ تعليم کي هٿي وٺائڻ ۽ ترقي وٺائڻ جي اهڙن جوڳن اصولن تي ڪم ڪندو ۽ اهڙين هدايتن سان رهنمائي ڪئي ويندي، جيئن حڪومت وقت بوقت ان کي

ڏئي.

(3) جيڪڏهن سوال اٿي ته ڪو معاملو پاليسي جو آهي يا نه ته، حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

بورڊ
Board

5.(1) بورڊ چيئرمين تي مشتمل هوندو،جيڪو وڏو وزير هوندو، وائيس چيئرمين جيڪو تعليم وارو وزير هوندو ۽ اهڙا سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبر جيئن حڪومت طرفان وقت بوقت مقرر ڪيا وڃن.

(2) مئنيجنگ ڊائريڪٽر ايڪس آفيشو ميمبر ۽ بورڊ جو سيڪريٽري هوندو.

(3) سرڪاري ميمبر طور مقرر ڪيل ميمبر عهدو ڇڏڻ تي ميمبر نه رهندو.

(4) غير سرڪاري ميمبر حڪومت جي رضا سان عهدو رکندو پر اهو حڪومت کي خط ذريعي ڪنهن به وقت ميمبر شپ تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

(5) چيئرمين ڪنهن به شخص کي ميمبر طور مقرر ڪري سگهي ٿو.

مئنيجنگ ڊائريڪٽر
Managing Director

6.(1) حڪومت اهڙي قابليت رکندڙ ڪنهن شخص کي ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن اها طئي ڪري.

(2) مئنيجنگ ڊائريڪٽر فائونڊيشن جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو ۽ اهڙيون ذميداريون سرانجام ڏيندون

جيڪي بيان ڪيون ويون هجن يا بورڊ يا چيئرمين طرفان ڪيس سونپيون ويون هجن.

(3) حڪومت مئنيجنگ ڊائريڪٽر ڪي نااهلي يا بدعنواني جي بنياد تي ڪيس ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کان پوءِ هٽائي سگهي ٿي.

**عملدارن ۽ صلاحڪارن جي مقرري**
Appointment of officers and advisers

7.(1) فائونڊيشن پنهنجي ڪمن جي جوڳي ادائگي لاءِ اهڙي پروفيشنل، ٽيڪنيڪل، منسٽيريل يا سيڪريٽيريل قابليت ۽ تجربو رکندڙ اهڙا صلاحڪار ۽ عملدار ۽ ٻيو عملو اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) صلاحڪار، عملدار، ملازم ۽ فائونڊيشن جو عملو اهڙي انتظامي قدم جو مستحق هوندو ۽ اهڙيءَ ريت جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**مالياتي، فني يا صلاحڪاري ڪميٽيز وغيره**
Financial, Technical or Advisor Committees

8. بورڊ هن آرڊيننس جا مقصد جاري رکڻ لاءِ مالياتي، فني يا صلاحڪاري ڪميٽيون جوڙي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي.

**فائونڊيشن جا مقصد ۽ هدف**
Aims and objects

9. فائونڊيشن جا مقصد ۽ هدف هيٺين ريت هوندا:

(a) اهڙا قدم کڻڻ جيڪي تعليمي سهولتن جي واڌاري

of Foundation

لاءِ ضروري آهن:

(b) تعليمي ادارا قائم ڪرڻ لاءِ پروجيڪٽس تيار ڪرڻ يا تيار ڪرڻ جو سبب بڻجڻ خاص طور تي گهٽ ترقي يافته يا گهٽ سهولت يافته علائقن لاءِ.

(c) نرم شرطن ۽ ضابطن تحت مالي مدد فراهم ڪندي يا نان ڪمرشل ادارن کي زمين خريد ڪرڻ، عمارتن جي تعمير، فرنيچر جي خريداري، سامان، ڪتابن ۽ اسٽيشنري سميت تعليمي سامان لاءِ مڪمل خرچ جي هڪ ڀاڱي تي حصي تائين جاري ڪرڻ.

(d) پنهنجي فنڊ مان اهڙن ادارن کي بنا وياج قرض جاري ڪرڻ يا انهن جي شيڊولڊ بئنڪن مان قرض حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ.

(e) مختلف هائوسنگ يا ترقياتي اسڪيمن ۾ تعليمي مقصدن لاءِ فلاحي پلاٽن جي الاٽمينٽ حاصل ڪرڻ ۾ تعليمي ادارن جي مدد ڪرڻ.

(f) تحقيق ۽ سروي ڪرائڻ يا تعليمي نظام جي مطالعي لاءِ ورڪشاپس، ڪانفرنسز، سمپوزيم ڪرائڻ، ته جيئن نظام جي خامين ۽ ڪمزورين جو پتو لڳائي سگهجي ۽ انهن جي سڌاري لاءِ تجويزون ڏئي يا اپاءَ وٺي سگهجن.

(g) تعليم جو معيار وڌائڻ ۽ پڙهائي جي شرح جي سڌاري لاءِ پروگرام تيار ڪرڻ.

(h)تعليمي ڪارڪردگي ۽ معيار جي سڌاري لاءِ عوامي ۽ نجي سيڪٽرز ۾ تعليمي ادارن وچ ۾ تعليمي مقابلن جو انتظام ڪرڻ؛

(i) ذهني ۽ جسماني معذور ٻارن لاءِ منصوبا ۽ اسڪيمون تيار ڪرڻ؛

(j) استادن ۽ ٻئي لاڳاپيل عملي ڪي انهن جي ڪم ۾ سڌاري لاءِ ورڪشاپس ۽ تربيت لاءِ شارٽ ڪورسز منعقد ڪرڻ؛

(k)مذهبي ۽ اسلامي گهرجن موجب پڙهائي جو ڪورس ۽ نصاب تيار ڪرڻ؛

(l) گهٽ ترقي يافته يا گهٽ سهولت يافته علائقن ۾ ادارا قائم ڪرڻ يا قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪرڻ؛

(m)عام طور تي اهڙا ڪم ۽ شيون مڪمل ڪرڻ، ڪرڻ ۽ سرانجام ڏيڻ جيڪي مٿي ڄاڻايل مقصدن سان لاڳاپيل آهن يا فائديمند آهن.

فائونڊيشن جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Foundation

10.(1) فائونڊيشن ڪي فائونڊيشن جو فنڊ اهڙيءَ ريت استعمال ڪرڻ، لڳائڻ يا سيڙائڻ جو اختيار حاصل هوندو، جيئن اها ضروري سمجهي.

(2) انهن اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، فائونڊيشن:

(i) حڪومت جي سڪيورٽيز يا ڪن ٻين قسم جي

سڪيورٽيز ۾ خريد ڪري، وڪرو ڪري، توثيق ڪري، منتقل ڪري، ڳالهيون ڪري يا ٻي صورت ۾ ڊيل ڪري سگهي ٿي؛

(ii) پنهنجي مختلف انٽرپرائيزز ۽ ڪمن لاءِ قرض گڏ ڪري سگهي ٿي ۽ ان مقصد لاءِ فائونڊيشن جي ملڪيتن لاءِ معاهدو ڪري، لڳائي يا ٻي صورت ۾ چارج ڪري سگهي ٿي؛

(iii) ٺيڪن، مصروفيتن، انتظامن ۾ داخل ٿي ۽ ضروري ڪاغذ ٺاهي سگهي ٿي؛

(iv) ڪنهن بئنڪ يا بئنڪن سان ڪرنٽ، فڪسڊ، اوور ڊرافٽ، لون، ڪيش ڪريڊٽ ۽ ٻيا اڪائونٽس کولي سگهي ٿي، جيئن ضروري سمجهي ۽ اهڙن اڪائونٽس ۾ رقم ادا ڪري يا ڪيرائي سگهي ٿي؛

(v) سمورا چيڪس، ليڊنگ جا بل، ڊرافٽس، آرڊرز، مٽا سٽا جا بل، گورنمينٽ سڪيورٽيز، پراميزري نوٽس ۽ ٻيا ڳالهين جا ڪاغذ ٺاهي، ڪيرائي، لڳائي، صحيح ڪري، قبول ڪري يا ڳالهيون ڪري سگهي ٿي؛ ۽

(vi) صنعيتي ڪمن ۾ رقم سيڙائي سگهي ٿي يا ٻي صورت ۾ فائونڊيشن جي فائدي لاءِ اتان ڪا رقم استعمال ڪري سگهي ٿي.

| | |
|---|---|
| 11. فائونڊيشن عام يا خاص حڪم ذريعي ۽ اهڙين شرطن تحت جيئن اها مڙهي، پنهنجا ڪي بہ اختيار مئنيجنگ | بورڊ طرفان اختيارن جي منتقلي |

**Delegation of Powers by the Board**

ڊائريڪٽر، ڪنهن ميمبر، عملدار يا فائونڊيشن جي ملازم کي منتقل ڪري سگهي ٿي.

**چيئرمين جا اختيار ۽ ڪم**

**Powers and functions of the Chairman**

12. (1) چيئرمين:

(i) اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو جيڪي ان کي هن آرڊيننس تحت سونپيا ويندا؛

(ii) اهڙن وقتن ۾ هنڌن تي بورڊ جون گڏجاڻيون ڪوٺائڻ جو اختيار هوندو، جيئن بورڊ جي ڪاروهنوار هلائڻ لاءِ موزون سمجهي؛

(iii) جيستائين سندس طرفان ٻي صورت ۾ هدايت نه ڪئي وئي هجي بورڊ جي سمورين گڏجاڻين جي صدارت ڪندو؛

(iv) خط، حڪم يا هدايتون جاري ڪرڻ لاءِ هدايت جو اختيار هوندو؛

(v) بورڊ طرفان ڪيس سونپيل اختيار استعمال ڪندو؛

(vi) بورڊ جي سمورين پاليسين ۽ فيصلن تي عملدرآمد کي يقيني بڻائيندو.

(2) چيئرمين پنهنجا اختيار، منتقل نه ٿيل اختيار، وائيس چيئرمين يا ڪنهن ٻئي ميمبر يا بورڊ جي عملدار ڏانهن منتقل ڪري سگهي ٿو.

**بورڊ جو ڪاروهنوار**

13. (1) بورڊ جون گڏجاڻيون ۽ ڪاروهنوار اهڙيءَ ريت

| | |
|---|---|
| Business of the Board | هلايو ويندو ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي ۽ جيستائين اهي معاملا بيان ڪيا وڃن، جيئن بورڊ طرفان طئي ڪيو وڃي. |
| | (2)بورڊ ۾ ڪنهن آسامي يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي بنياد تي بورڊ جو ڪو قدم يا ڪا ڪارروائي غير موثر نہ هوندي. |
| فائونڊيشن جو فنڊ Fund of the Foundation | 14.(1) هڪ فنڊ هوندو جنهن کي ”فائونڊيشن فنڊ“ سڏيو ويندو، جيڪو مشتمل هوندو: |
| | (i) وفاقي، صوبائي حڪومت يا لوڪل باڊيز طرفان ڪيل سهڪار يا گرانٽس؛ |
| | (ii) سيڙپڪارين مان حاصل ڪيل ڪمائي؛ |
| | (iii) تحفا ۽ چندا؛ |
| | (iv) حڪومت طرفان فائونڊيشن جي نيڪال تي رکيل فنڊ ڦيرائڻ؛ |
| | (v) ڪنهن ٻئي وسيلي کان حاصل ڪيل ڪمائي. |
| | (2) فائونڊيشن جا مقصد ۽ هدف حاصل ڪرڻ لاءِ فنڊ استعمال ڪيو ويندو. |
| | (3) فنڊ حڪومت طرفان منظور ڪيل شيڊولڊ بئنڪ ۾ رکيو ويندو. |
| بجيٽ، اڪائونٽس ۽ آڊٽ | 15.(1) بجيٽ منظور ڪيل ويندي ۽ ان جا اڪائونٽس اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت رکيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو |

هجي.

Budget, accounts and audit

(2) فائونڊيشن جا اڪائونٽس آڊيٽر جنرل پاڪستان جي مشاورت سان اهڙي طريقي ساليانو آڊٽ ڪيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

قاعدا
Rules

16. حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

ضابطا
Regulations

17. هن آرڊيننس ۽ قاعدن موجب، فائونڊيشن حڪومت جي منظوري سان قاعدن ۾ بيان نہ ڪيل سمورن معاملن لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

تحليل
Dissolution

18. حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي فائونڊيشن کي تحليل ڪري سگهي ٿي ۽ اهڙا لاڳاپيل ۽ ان کان پوءِ لاءِ حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن ان مقصد لاءِ ضروري سمجهي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**